ISSN Online: 3006-4708
ISSN Print: 3006-4694
*SOCIAL SCIENCE REVIEW ARCHIVES*
https://policyjournalofms.com

# The Spiritual and Mystical Aspects of Sufi Ghulam Mustafa Mangnejo's Personality and Poetry

**Ali Asghar Otho[1], Barkatullah Otho[2] , Abdul Naem[3]**
[1] Assistant Professor, Government Boys Degree College Sehwan.
[2] Lecturers, Government Boys Degree College, Sehwan.
[3] Sindhi Subject Specialists, IBA Community College, Dadu.

**DOI: https://doi.org/10.70670/sra.v3i4.2022**

**Abstract**
The present study examines the personality of Sufi Ghulam Mustafa Mangnejo and the aspects of his mystical poetry. Sufism is a spiritual path that guides a person toward inner truth, self-purification, and intimacy with the Divine by going beyond external knowledge. A Sufi's path always starts in the context of Shariah and moves through the phases of Tariqat, Marifat, and Haqiqat before arriving at spiritual perfection. Different stages of spiritual development are represented by the three Sufi categories: al-Suf, al-Mutasawwif, and al-Mustasawwif. Sufi Ghulam Mustafa Mangnejo is acknowledged as a practicing Sufi poet whose poetry genuinely reflects humanism, self-purification, humility, and divine love.
The main aim of this study is to show how Mangnejo's personality and poetry reflect the core ideas of Sufism, spiritual principles, and intellectual tendencies. The following research questions serve as the framework for the study: What aspects of Ghulam Mustafa's personality is Sufi? Which intellectual aspects and major spiritual themes are prevalent in his poetry? What part does his poetry play in moral and social change?
This study uses a qualitative approach, utilizing interpretive techniques, thematic analysis, and textual analysis. Ghulam Mustafa's chosen poems are examined in terms of self-control, spiritual development, divine love, and spiritual understanding (gnosis). The study's scope is restricted to his poetry and personality, with a primary emphasis on literary and spiritual elements.
The study's conclusions show that Sufi Ghulam Mustafa's poetry is more than just a work of literature; rather, it is an all-encompassing spiritual philosophy that leads people to moral elevation, inner refinement, and divine love.

**Keywords:** Sufism, Sufi Ghulam Mustafa Mangnejo, Sufi poetry, spirituality, divine love, inner knowledge, self-purification, Sindhi literature

## صوفي غلام مصطفيٰ مگڻيجو جي شخصيت ۽ شاعريءَ ۾ روحاني ۽ صوفياڻي پهلوئن جو جائزو

ادب علمن جي سيني شاخن تي حاوي آهي،۽ سمورن علمن کي پنهنجو مخصوص رنگ ۽ روپ ڏئي پاڻ ۾ سمائي ٿو ڇڏي.ان جا جيکي بہ علم آهن انهن جو مقصد علميت ۾ اضافو ڪرڻ هوندو آهي، ۽ علمن ۾ بيان تي زور ڏنو ويندو آهي،پر ادب ۾ انداز بيان جي قدر و قيمت آهي(1) هنن علمن ۾ تصوف بہ هڪ اهڙو علم آهي. تصوف هڪ اهڙو روحاني رستو آهي جنهن جو تعلق باطن سان آهن، ۽ ڪائنات جا ڪيترائي راز ۽ اسرار انسان جي باطن ۾ سمايل آهي، جنهن هي سُڌ ظاهري علم بدران پاڻ وڃائڻ واري عمل سان پوي ٿي. رب پاڪ قرآن مجيد جي سورة

الذاريات فرمائي ٿو تہ" وَ فِي اَنفُسِكُم اَفَلَا تُبصِرُونَ "۽ هن آيت جو ترجمو آهي تہ: اوهان جي وجود ۾ ( بہ نشانيون آهن)،ڇا اوهين نٿا ڏسو؟". هي آيت تصوف جي نقط نگاھ اهم ۽ ڳوڙهي معنيٰ رکي ٿي. هن آيت ۾ رب پاڪ انسان کي پاڻ ڏانهن توجهہ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو. انسان جي وجود ۾ روح، دل، ۽ عقل ڇا آهن؟ غور ڪجي تہ اهي سڀ حق جون نشانيون آهن. جيڪڏهن انسان پنهنجي اندر ۾ نهاري ۽ غور ڪري پُرجهڻ ۽ پروڙڻ چاهي تہ ڪيس قدرت جي حڪمت جي انيڪ نشانين جي سُڌ پوندي.انڪري صوفي چوندا آهن "جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن رب کي سڃاتو". تصوف ۾ باطن بنيادي حيثيت رکي ٿو.هي آيت بہ خاص طور تي باطن ڏانهن اشارو آهي.يعني هن آيت ۾ انسان کي پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ، اندر ۾ جهاتي پائڻ جي دعوت ڏني ٿي.
"تصوف جو دارو مدار عشق يا محبت الاهي تي آهي.يعني محبت ئي مقصد جي حصول جو واحد ذريعو آهي"(2) تصوف جي راھ تي هلي اهو ئي منزل ماڻي ٿو، جيڪو پاڻ وڃائي ٿو. پاڻ وڃائڻ جو مطلب اهو بہ آهي تہ پنهنجي نفساني خواهشن کي ختم ڪري پاڻ کي حق تعالي جي حوالي ڪرڻ بہ آهي. ان سپردگي وارو عمل عاشق ئي ڪري سگهي ٿو.اهو عاشق ئي آهي جيڪو معشوق جي وصال لاءِ پاڻ کي قربان ڪري ٿو.
تصوف جي راھ تي هلندڙ سالڪ کي صوفي سڏيو ويندو آهي.حضرت عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي فرمائن ٿا تہ " صوفي جي نسبت صفہ سان آهي. جيڪو رسول الله جن جي زماني ۾ غريب مهاجرن جو هڪ چبو (صفو) هو. انهن جي باري ۾ خداوند تعالي جو ارشاد آهي تہ هي انهن غريبن جيڪي خدا جي واٽ ۾ قيد آهن ۽ اُهي زمين تي سفر ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن" (پاره3:رکوع5: 17) (3)
سچو صوفي اهو آهي جيڪو دنيا جي محبت کي دل مان ڪڍي ٿو، ۽ الله کي پنهنجو محبوب بنائي ٿو.جيڪڏهن ائين نٿو ڪري سگهي تہ صوفي نٿو بڻجي سگهي، ڇاڪاڻ رب هنن جي ويجهو وڃي ٿو جيڪي پرهيزگار آهن. صوفين جي وڏي ڪان وڏي خواهش بہ اها هوندي آهي تہ اهي ذات حقاني جي ويجهو هجن.جنهن جي باري ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهري هن ريت فرمائن ٿا تہ " صوفي اهو آهي جيڪو فنا جي بي انت سمنڊ ۾ ٽُبي هڻي گم ٿي ويو هجي.جيڪڏهن فنا جي بي انت سمنڊ ۾ سندس نڪاٽو ٿي ويو هجي تہ اهو واصل آهي" (4) صوفي انسانيت جي اخلاقي، روحاني ۽ سماجي تعمير ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. صوفيت جو بنيادي مقصد انسان کي اندروني پاڪيزگي، محبت، رواداري ۽ سچائي ڏانهن وني وڃڻ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سماج ۾ هم آهنگي ۽ ترقي جا در کُلن ٿا. صوفي ماڻهو پنهنجي عمل، ڪردار ۽ تعليم ذريعي ماڻهن کي نفرت، حسد ۽ تڪرار کان پري رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ انسان دوستيءَ کي فروغ ڏئي ٿو. اهڙيءَ ريت صوفي سماج ۾ امن، پائيچاري ۽ برداشت جو ماحول پيدا ڪري ٿو، جيڪو ڪنهن بہ ترقي يافتہ سماج جي بنيادي گهرج آهي
.اڄ جو هي جديد دور ۾ علم کي مختلف شعبن ۾ ورهايو ويو آهي. جنهن ۾ تصوف جي علم کي پاسيرو رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ خاص طور تي جديد فڪري لاڙن سان سلهاڙيل مفڪرن ان جي نندا ڪري اهو نتيجو اخذ ڪيو آهي تہ تصوف جو علم جو سماج جي ترقي ۾ ڪو بہ ڪردار ناهي اهو فرد کي قدامت پسندي ڏانهن وني وڃي ٿو ۽ هن جديد دور جي تضاضان ۽ معيار سان نهڪي نٿو. حقيقت اها آهي تہ انهن مفڪرن تصوف جي علم کي ظاهر جي اک سان ڏٺو پر ان فلسفي جي باطني پهلوئن کي نہ پروڙيو آهي نہ پُرجهيو آهي. اڄ جي جديد علم دنيا جي ظاهري پهلو کي جيترو روسن ڪيو آهي اُترو ئي انسان جي اندر ۾ اوندھ ٿي وئي اهي جو ماڻهو پنهنجي سڃاڻپ ئي وڃائي وينو آهي. سڃاڻپ تہ پري جي ڳالهہ آهي هن ڪان تہ اهو بہ وسري ويو آهي تہ الله جي اهڙي مخلوق آهي جنهن کي انسان سڏيو وڃي ٿو. انسان ۽ جانور ۾ بنيادي فرق ئي انسانيت جو آهي جيڪڏهن انسان مان انسانيت نڪري وڃي تہ انسان جانور بڻجي وڃي ٿو ۽ انسان جڏهن جانور بڻجي ٿو تہ هن مان انسان هجڻ وارا اعليٰ اخلاقي قدر، رويا، محبت، رحمدلي، همدردي،انصاف، احترام سان پيش اچڻ وارا جذبا ختم ٿي وڃن ٿا. انسان رڳو مجسمي جو نالو ناهي پر هو هڪ اهڙي وجود جو نالو آهي جيڪو پنهنجي عمل سان پنهنجي ذاتي مفادن کان مٿانهون ٿي ٻين لاءِ پروڙي ٿو ۽ سهائتا ڪري ٿو.هو مذهبي،نسلي ۽ لساني بنيادن تي ڪو بہ فرق نٿو رکي هو هر تعصب کان پاسو ڪري پائيچاري، رواداري جي پرچار ڪري ٿو. ابوجهہ ۽ ڌتڙيلن جي مدد ۽ فرد جي عزت ۽ عظمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏي ٿو. تصوف جو فڪر نہ رڳو ماڻهو کي سعوري طور تي پڪو ۽ پختو بڻائي ٿو پر ڪيس سماج جو هڪ ذميدار شهري بنائڻ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، جنهن سان سماج ۾ رهندڙ فردن جي مادي ۽ روحاني ترقي ٿئي ٿي، ۽ ترقي کي عملي جامو پهرائيندڙ جو بار صوفين جي ڪلهن تي هوندو آهي، ڇاڪان تہ صوفي تصوف جي فڪر جو اڳواڻ هوندو آهي. هڪ سچي صوفي جو عمل دين جي دائري کان ٻاهر نہ هوندو آهي. ماڻهن ۾ هڪ رايو عام مقبول ۽ معروف آهي تہ صوفين جو شريعت سان ڪو تعلق نہ هوندو آهي ائين بلڪل بہ ناهي. صوفين وٽ ابتدائي ڏاڪو ئي شريعت تي هلڻ هوندو آهي ۽ ان ڏاڪي جي آڌار تي ئي اهي تزڪيہ نفس جو ڏاڪو پار ڪري اڳتي وڌن ٿا، ۽ پوءِ طريقت،معرفت ۽ حقيقت جي منزل تي پچن ٿا. شريعت جي پابندي کان سواءِ تصوف مڪمل ئي ناهي. حضرت داتا گنج بخش هجويري فرمائي ٿو تہ " جيڪڏهن ڪو سالڪ شريعت کي نظرانداز ڪري ٿو تہ اهو ڪڏهن بہ صوفي نٿو ٿي

سگهي. ڪتاب ڪشف المعجوب ۾ حضرت جنيد بغدادي ته تصوف ۾ شريعت ۽ طريقت کي هم آهنگ ڪري ڇڏيو.يعني هن شريعت جي بنياد تي تصوف جو اوچو محل تيار ڪيو،جنهن کي عالمن ۽ صوفين پنهنجو مسڪن بڻايو“. (5) حضرت شيخ المشائخ شاهه لطف الله قادري فرمائن ٿا ته” ماڻهو جا ٻه اصول آهن هڪ بدن، ٻيودل. بدن دين اسلام جو ظاهري رستو آهي، جنهن کي شريعت چون ٿا. ان جي مسافت علم ۾ مشعول رهڻ سان طئي ڪري سگهجي ٿي، ۽ دل عرفان ۽ خدا تعالي جي قُرب جو ذريعو آهي، جنهن کي طريقت چون ٿا،جنهن جو سلوڪ خدا تعالي جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ سان طئي ڪري سگهجي ٿو.انهن ٻنهن رستن تي هلي سالڪ کي جيڪي حقيقتون ۽ باري تعالي جا اسرار معلوم ٿين ٿا، ان جو نالو حقيقت آهي، جنهن جي تحصيل انهن ٻنهن علمن سان ٿيندي آهي،۽ علم تي عمل هي آهي ته شريعت جي حدن ۽ احڪام الاهي تي ڪاربند ٿئي(6)

دنيا جو دستور آهي ته ڪو به مذهب هجي، نظريو هجي يا طريقو هجي جڏهن هن جا بنياد وجهندڙ هي فاني جهان ڇڏيندا آهن ته ان ۾ پوءِ ان ۾ ڦيرو اچي ٿو. ساڳيو مسئلو تصوف سان ٿيو. اهو ايتري قدر وڌي ويو جو صوفين جي چاليهه ٽولن جنم ورتو. هاڻ ڪنهن کي تسيلم ڪجي ۽ ڪنهن جي طريقت تي هلجي ان ۾ صوفي به پريشان ٿي ويا. هتي صوفين جي گروهن بدران ان جي قسمن بابت ذڪر ڪرڻ موزون رهندو. جنهن مان اها سُڌ پوي ته ڪهڙو صوفي عملي طرح سان صحيح آهي. ولايت جي صاحبن، صوفين جي سڃاڻپ لاءِ صوفين جا ٽي قسم جهڙوڪ المتصوف، المستصوف، ۽ الصوف ڄاڻايا آهن.

**پهريون المتصوف**:

اهڙو صوفي جنهن وٽ فقط ڪتاب جو علم هوندو آهي، ۽ علم جي آڌار تي هو تصوف جي منزلن کان واقف هوندو آهي ۽ هن سلوڪ جو ماڳ نه ماڻيو هوندو آهي، پر محنت ۽ مجاهدي سان انهيءَ منزل کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو آهي.

**ٻيون المستصوف**:

اهڙو صوفي جنهن عملي طور نه سلوڪ جي راهه طئه ڪئي هجي نه ئي مطالعو ڪيو هجيس پر ظاهر ۾ دنيا وارن کي ڏيکارڻ لاءِ فقيرن وانگر شڪل بڻائن پر سندن اصل مقصد دنيا ۾ دولت، اختيار، ۽ آسائش جي حاصلات هوندو آهي.اهڙي قسم جي صوفين وٽ نه علم نه عمل هوندو آهي.

**ٽيون الصوف** :

اهو صوفي آهي جنهن خواهش ۽ نفس کي ماري، سڃاڻپ واري نظر حاصل ڪئي هجي، ڇو ته سچي صوفيءَ کي ئي عرفان حاصل ٿئي ٿو جو هو پاڻ کي وڃائي ٿو.

يعني اصل صوفي وصل (ميلاپ ) جو صاحب، متصوف احوال جو صاحب ۽ مستصوف فضول جو صاحب ۽ الصوف حال جو صاحب هوندو آهي. سنڌ جي سرزمين غوث، عارفن، عشاقن، زاهدن، مجذوبن، ابدالن، عالمن، صوفين سان ڀري پئي آهي جنهن ۾ هڪ پاسي بزرگ شريعت جي پرچار ۽ ان جي تربيت ۾ محو آهن ته ٻئي پاسي طريقت جي عملي مشق جاري آهي. صوفي غلام مصطفيٰ مگٿيجو جو شمار به سنڌ جي ان برگزيده صوفين ۾ ٿئي ٿو، جيڪي طريقت جا صاحب آهن.يعني صوفي خادم فقير به انهن الصوف واري صوفين منجهان آهي جنهن کي سڃاڻ واري ديد نصيب ٿي آهي. جنهن جو اظهار سندس بيت ۾ هن ريت ملي ٿو.

پرينءَ جو پرتوو ، جو پاڻ مان پَسي
ته هوند سدا وسي، عرش معلي من ۾ (مخرنِ عشق _ 184)

صوفي خادم فقيرجي زندگيءَ جو اڀياس ڪجي ته سندس زندگي کي ٽن حصن جهڙوڪ سماجي، ادبي، ۽ عارفاڻي پهلوئن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هيٺ سندس ڪلام مان زندگيءَ جو اڀياس پيش ڪجي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به صوفيءَ کي سمجهڻو آهي ته هن جي زندگي ۾ ڪيل عمل، تصانيف، ۽ ڪلام مان پروڙي سگهي ٿو ڇاڪاڻ صوفي پنهنجي راز ۽ نياز جي ڳالهه عام سان ته نه ڪندا آهن پر هنن اسرارن کي نثر يا نظم جي ڪنهن به صنف ۾ ضرور اظهار ڪندا آهن اهو اظهار وري اڳتي هلي تصوف جي واٽ تي هلندڙ سالڪ جو سونهون بڻجي ٿو.

**سماجي پهلوءَ**

صوفي خادم فقير درگاهه چوڏهن شهيدن جا گادي نشين آهن ڪيس ڪيترن ئي سرنديءَ وارن ڪيس مشائخ ۽ پير بنائڻ لاءِ وڏي مَٽا ڪُٽ ڪئي سندس لاءِ ريشم، پشم ۽ پٽ جهري طول ويهاڻن ۽ مسند ناهي ڏيڻ جي آڇ به ڪئي پر ڪٽر نفسيِ ۽ رندانه طبعيت سندس مزاج کي ايترو ته نفيس بڻائي ڇڏيو جو پاڻ کي پنهنجي پاڻ ۾ نفيءَ جي ڪُن ۾ اجلائي فنا ڪري فقير سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن. جڏهن ڳِندِي ۽ گرهُ

جي بہ طلب نہ رهي تہ پوءِ هستي هوندي نٿي رهي انکري سڀ ۾ هُو ۽ سڀ هن جي جلوي جو مظهر ٿي پانيائين ان مزاج کيس خلق جو خادم بڻائي ڇڏيو. ماڻهو ڄاتل سُڃاتل هجي يا اڻ واقف ٻنهي سان ساڳي رَوش اختيار ڪندو. سَٽ ۾ ڪنهن سان سياسي، علمي، تعليمي،معاشي مسئلو هجي ان ڪي حل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو آهي. ماڻهن جي در لڙي ويندو، هٿ ٻڌندو پر مسئلي ڪي حل ڪرائڻ لاءِ جتن ڪندو رهندو. جنهن ڪري مٿس تنقيد بہ ٿيندي رهي پر پاڻ اڻ ٻڌو ڪري درگُذر ڪندا آهن. اڄ بہ سندس آستانو فقير فقراهہ راڳين، سياسي توڙي سماجي ورڪرن لاءِ اتساهہ جو مرڪز بڻيل آهي. ڳوٺ لاءِ اسڪول پنهنجي زمين ڏئي اسڪول، ۽ ڊسپينسري ڪولرايائين، هڪ شاندار اڻ ڪنُڊي مسجد تعمير ڪرايائين. درگاهہ تي پانڌيئڙن جي رهائش لاءِ لانڌهي تيار ڪرايائين جتي مسافر اچي سڪون جو ساهہ کڻي آرامي ٿيندا آهن. تنهن کان سواءِ ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي ڳوٺن لاءِ بجلي ورتي. ڳوٺ لاءِ پڪو رستو منظور ڪرايو. درگاهہ چوڌهن شهيدن جي درگاهہ کي پڪو ڪرايو. زائرن لاءِ درگاهہ ملڪاڻي شريف جو زيارت لاءِ قبي کي ڪشادو ڪرڻ لاءِ ان جي چوڌاري ڇت ڏياري، ۽ هن وقت بہ جيڪا بہ ٺئين سِر درگاهہ جي تعمير جو ڪم ٿيو آهي اهو سندس ڪوشش جو نتيجو آهي.

**ادبي پهلوءَ**

سائين ظاهر دنيا جي علم واري سان بہ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندو رهيو آهي. سنِڌي ادبي سنگت هجي يا  ڪائونسل دادو هجي يا ٻي ڪا سماجي تنظيم ۽ صوفياڻي سَٽ هجي انهن جي هر پروگروم ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏ پنهنجي تخليقي ۽ تحقيقي پورهئي کي سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ڏات ڌڻيڻ جي سامهون پيش ڪندو رهيو آهي، ۽ اهو سِلسلو اڃان تائين جاري آهي.
سندس نظم ۾ هڪ مجموعو مخزن عشق” ۽ شاهہ جي رسالي جي ٽيهن سُرن جي چونڊ بيتن جي شرح ” سوجهي لڌو سبحان “ ڇپيل آهن ۽ ٽيون مجموعو نثر تي آڌاريل آهي جنهن ۾ مضمون ۽ مقالا شامل آهن سو اڻ ڇپيل صورت ۾ پيل آهي. چوٿون ڪتاب ” عشق جو آواز “ جيڪو تصوف جي اصطلات تي آڌاريل آهي سو لِکڻ واري مرحلي ۾ آهي.

**صوفي خادم فقير بحيثيت ڪافيار**

شاعراڻي صنف ڪافيءَ جا تخليقار ٻن قسمن جا آهن هڪ اُهي جيڪي صوفياڻي فڪر سان سلهاڙيل آهن ۽ ٻيا اُهي جيڪي مجاز جي رنگ ۾ رڱيل آهن. صوفي بزرگن بہ مجاز کي بيان ڪيو آهي پر هڪ دنيوي ۽ صوفي شاعر جي مجاز ۾ فرق آهي. ڪافيءَ ۾ بيان جي بنيادي اهميت آهي چو تہ ڪافيءَ ۾ بيان جي حد مقرر ٿيل آهي ۽ هر شاعر ان دائري ۾ رهي اظهار ڪري ٿو. جيڪڏهن  هو پنهنجي حد جي دائري کان ٻاهر نڪتو تہ پوءِ هن جو ڪلام مصنوعي هوندو. ڪافيارن جا ٽي درجا آهن. پهريون مجازي ٻيون حق مجازي ۽ ٽيون حقيقي.

**مجازي ڪافيار**

مجازي ڪافيارن کي رومانوي شاعر بہ چئي سگهجي ٿو. هن قسم جي شاعرن جي ڪلام ۾  محبوب جي سونهن، سهڻائي، خوبصورتي، ڏيک ويک، تجمل، ناٺ باٺ، رعب، سينگار، زيب و زينت، سينڌ سُرمي، سجاوٽ، چمڪي، چلڪي، تجلي، جَهروڪي، حُسن جمال، نفاست، نزاڪت، ملڻ، ميلاپ، وڇوڙو، جدائي، هجر فراق، وڪرائي، پيار، پريت، قُرب، چاهہ، چاهت، نينهن، سِڪ، سَڀنڌ، حُب، الفت، اخلاص، طعنا، ٽُنڪا، مهڻا، ميارون، ڏک، ڏوراپن کان سواءِ داخليت جا انيڪ جذبا ملن ٿا.

**حق مجازي ڪافيار**

حق مجازي ڪافيارن جي ڪلام جو دائرو بہ داخلي ڪيفيتن، سونهن ۽ مشاهدن تي هوندو آهي پر صوفين وٽ اهي ٺئي پهلو روحانيت تي آڌاريل هوندا آهن، چو تہ صوفين وٽ بہ داخلي ڪيفيتن، مشاهدن کان سواءِ سونهن جي پرڪا جو تصوير موجود هوندو آهي. حُسن جي حوالي سان وٽن پرک ٻن نوعن جي ٿئي ٿي هڪ ذاتي حُسن ۽ ٻيو صفاتي حُسن تي آڌاريل هوندو آهي. جن صوفين کي حق جو ادراڪ ٿئي ٿو، اُهي غير کي ڏسڻ گناهہ سمجهندا آهن، انهن جي نظر ۾ فقط ذاتي حُسن ئي مشاهدي ۾ هوندو آهي. ان منزل ۾ صفاتي حُسن جي پرک ڪرڻ کي گناهہ نہ سمجهندا آهن. هنن وٽ نفساني ڪامنا، اڪنڌ يا موهہ ۽ خواهش معدوم ڪيل هوندي آهي. اهڙي حالت ۾ ڪنهن انسان چرند پرند جي شڪ شبيهہ يا ان جي صورت ۾ ڪنهن بہ حصي ۾، ذات جي سمايل صفاتي حُسن کان متاثر ٿيندا آهن ۽ پوءِ ان عڪس کي ڪلام ۾ اوتيندا آهن. اهڙي بيان کي حق مجاز وارو ڪلام چيو ويندو آهي“.(7)

**حقيقي بيان وارا ڪافيار**

هي ڪلام مڪمل تصوف جي فڪر ۽ منزلن تي آڌاريل هوندو آهي. هن ۾ هڪ پاسي معرفت حدثي تہ ٻي پاسي معرفت نظري جو بيان هوندو

آهي. هن قسم جي ڪلام مان ڪافيار جي صوفياڻي منزل ۽ گس جو به ادراڪ ٿئي ٿو ته هن معرفت جو ڪهڙو مقام ماڻيو آهي. هن ۾ ڪافيار جي حال جو اظهار پوري قوت سان ٿيل هوندو آهي. حقيقي بيان وارو نج ڪلام آڳرين تي ڳڻڻ جيترو شاعرن جي بياض ۾ ملي ٿو جن ۾ نواب ولي محمد لغاري ۽ بيدل فقير جو ڪلام آهي باقي ٻين صوفين حق واري بيان سان گڏ حق مجاز کي به ڳايو آهي. سنڌ جي سموري ڪلاسيڪي شاعري اهڙي شاعرن جي ڪلام سان ڀري پئي آهي. يعني انهن جي ڪلام ۾ اهي ٻئي پهلو ملن ٿا.

صوفي خادم فقير شاعراڻي صنف ڪافيءَ جو نه رڳو نامدار، نام ڪنيو، ضرب المثل پر اعتبار جوڳو معتبر شاعر به آهي.سندس ڪلام حق مجاز ۽ حقيقت تي آڌاريل آهي.

صوفي غلام مصطفيٰ جي ڪلام ۾ اها خوبي به نمايان آهي جو سِٽ سِٽ ۾ موضوع جي حوالي سان نواڻ ملندي، ۽ سندس ڪلام حق مجاز ۽ حقيقت جي مختلف پهلوئن تي آڌاريل آهي، جنهن ۾ خدا جي عظمت، پاڻ سڳورن جي سخاوت ۽ عظمت، هاديءَ جي حُڪم، عشق جي چوگان، عشاقن جي اصل سمر، محبت لاءِ گهربل تقاضا، علم ۽ عقل کي تڏي الف واري اکر ۾ مست ٿيڻ، ملامت ڪٽي پاڻ کي وڃائڻ، لامڪان ۾ رب ريجهائڻ، ظاهر کي ترڪ ڪري محبت جي خيال ۾ رهڻ، جهڙا انيڪ موضوع سندس ڪافين ۾ ملن ٿا.(8)

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري صوفي بزرگن جي حال سان ڀري پئي آهي، ۽ سندن مقام جو اندازو به ڪلام مان لڳائي سگهجي ٿو. اهڙي ريت صوفي غلام مصطفيٰ جو ڪلام به حال جو بيان ئي آهي، جنهن ۾ هو ڪٿي به جذباتي نظر نٿواچي ٿو، پنهنجي حال ۾ رهي ڪلام چيو آهي چو ته سندس ڪلام جي سِرجڻ جو بنياد ڪيفيت تي آڌاريل آهي، ۽ هرويرو لفظن کي ڪافيءَ جو روپ ڏيڻ کان پاسو ڪندو رهيو آهي، جڏهن سندس اندر ۾ راڳو ٻوليندو آهي ته راڳي جي ٻولن کي سُرن جي روپ ۾ ڪافيءَ جي گهاڙيٽي ۾ آڻي ٿو.

## راڳ ۽ راڳداري

ڪافي شاعري جي اهڙي صنف آهي جيڪا لکڻ لاءِ نه پر ڳائڻ لاءِ تخليق ڪئي ويندي آهي چاڪاڻ صوفي شاعر راڳ جو سهائتا سان حقيقت جا اهم نڪتا بيان ڪن ٿا.سنڌي شاعراڻي صنف ڪافي جا جيڪي به شاعر تي گُذريا اهن يا اجان حيات آهن انهن سيني ۾ هڪ ڳالهه ساڳي ملندڙ آهي ته اهي سپ راڳ ٻڌڻ جو نه رڳو ذوق رکن ٿا پر راڳ جي فن ۾ به مهارت رکن ٿا. اهڙي ريت صوفي غلام مصطفي مگڻيجو به راڳ جي فن جو ضرب المثل ڄاڻو ۽ راڳي ڳائڻ ۽ ڪافي پيش ڪرڻ ۾ به مهارت رکي ٿو ڪافيون اهڙي ته سوز ۽ گداز سان آلاپيندو آهي پاڻ سان گڏ ٻڌندڙ کي به حال واري ڪيفيت ۾ مست ڪري ڇڏيندو آهي. سندس ڪلام ديسي ۽ مارڳ راڳن تي آڌاريل آهي. ڪلام لاءِ اهڙي راڳن جي به چونڊ ڪئي اٿس جيڪي سندس اڳ واري ڪافي گو شاعرن جي ڪلام ۾ نٿا ملن جن ۾ راڳ پوپالي، سينڌڙو، ڪوشڪ ڌني، پوپالي ڪلياڻ، زيلف، ڪيرواني، ڪلاوتي، گُنڪلي، دُرگا، جونپوري راڳ شامل آهن. يعني پاڻ ڪافيءَ لاءِ ڏهه راڳ متعارف ڪرايا اٿس.

## شاعريءَ جو فن

صوفي خادم فقير جو ڪلام فني حوالي سان پڻ پڪو ۽ پختو آهي، ۽ سندس ڪلام گهڻي ڀاڱي ڪافيءَ جي خالص گهاڙيٽن ۾ چيل آهي. سندس ڪلام هيڪوڙي، ڏيڍوڙي، ٻيڻي، ٽيڻي چئوڻي، پنجوڻي، ڇهوڻي، ستوڻي انوڻي، نائوڻي، ڏهوڻي ڪافيءَ تي آڌاريل آهي. فڪري حوالي سان ڪلام ۾ ڪٿي به جديد لاڙي جو اثر نٿو ملي پر فني حوالي سان ڪافين ۾ عروضي رنگ ۽ گيت وارو رچاءُ ضرور ملي ٿو.

## عارفاڻو پهلوءُ

صوفي غلام مصطفي مگڻيجو ظاهر ۾ ڪنهن به درويش جو دست بيعت مريد نه ٿيو پر اويسي سلسلي هيٺ درگاهه ملڪاڻي شريف جو طالب ٿيو، ۽ اويسي طريقي سان ئي عشق جو سفر ڪيائين. شيخ المشائخ حضرت لطف الله قادري جن فرمايو آهي ته ظاهري علم، شريعت جي ظاهري حڪمن کي چئبو آهي، ۽ باطني علم، شريعت جي باطني رازن جو نالو آهي، جنهن کي حقيقت به چوندا آهن. انهن ٻنهيءَ جي وچ ۾ جيڪا مسافت آهي ان کي طريقت چوندا آهن. انهي ٽنهي اصولن جي خلاصي کي معرفت چوندا آهن، سو اهڙي ريت صوفي خادم فقيرباطن وسيلي معرفت جو معراج ماڻيو، جنهن جو اظهار سندس ڪافيءَ جي بند ۾ هن ريت ملي ٿو.

مُهر هٽي ماٺ جي منهن تي، اندر ۾ الف پيا اورين
سزا ڏئي ساهه کي سورين، ذڪر ظاهر ڪَيئون ذاتي (مخزنِ عشق _ ص 45)

صوفي خادم فقير کي اها باطن جي سڃاڻپ واري واٽ جي سُڌ سندس ساٿي فقير الله ورائي سولنگي ڏني جو نه سندس ظاهر ۾ حال پائي هئس پر دوست به هئس، چو ته حقيقت جي واٽ تي هلڻ لاءِ ابتدائي مرحلي ۾فقير لاءِ حال محرم ۽ هر دم جي ساٿي جو هئڻ ضروري آهي

جيئن سندس حال جي رازن جي تصديق ٿي سگهي. جيئن مٿس راز آشڪار ٿين ته حال محرم راز جي سچي هئڻ جي شاهدي، ۽ ثابتي ڏئي سگهي جيئن راز کي سمجهي سگهجي اهڙو اظهار پاڻ هن ريت ڪري ٿو ته :

خدا جي نور جو مظهر پورو پرکڻ ڏکيو آهي
سِوا همراز ۽ همدم اهو سَلجڻ ڏکيو آهي (مخزنِ عشق _ ص 76)

صوفي خادم فقير جي مقام ۽ رتبو رڳو اهي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا جن پنهنجي وجود ۾ مشاهدو ماڻيو هو. باقي جن جي دل تنگ ۽ طبعيت بند هئي انهن لاءِ صوفي خام فقير رڳو هڪ جُبي ۾ ويڪيل صوفي آهي. هو چا آهي سندس استعداد جو اندازو ڪافيءَ جي هن ٽلهه مان لڳائي سگهجي ٿو چوي ٿو ته :

لکين آئين لکون ڪري يار سجڻ ، پر سڪ وارن ته سڃاتو ٿئي
ڪيئي عبد سندو اظهار سجڻ ، پر سڪ وارن ته سڃاتو ٿئي (مخزنِ عشق _ ص 73)

صوفي خادم فقيرجي تعليمات ۾ دين، دنيا، علم عرفان ، شريعت ۽ طريقت جي وچ ۾ جيڪو توازن موجود آهي اهو پڻ سندس اعليٰ شان ۽ وڏي مرتبي جي نشاني آهي. پاڻ علم جا اهڙا ته ماهر غواص آهن جو تصوف جي فلسفي جي سمنڊ ۾ ٽبي هڻي، علم ۽ عرفان جي اوناهين تائين لهي ماڻڪ ميڙيا، ۽ چاڻ جي کاڻ مان هٿ ڪيل هيرا ۽ جواهر نه رڳو ظاهر ۽ باطن جي سالڪن سان ڳنڍجاڻين ۾ ويهي ونڊ طور ورهائيندو رهيو آهي پر انهن مان ڪيترائي امُلهه موتي لفظن جي روپ ۾ سندس ڪافين ۾ ملن ٿا. اسان وٽ اهڙا به صوفي ملن ٿا جيڪي هڪ پاسي نفس ظاهر ۾ حال هيٺو ڪري ۽ اڪيلائي ۾ نفس جي خواهش کي پورو ڪن ٿا ۽ عام ۾ عارف بِلا سڏائي حق موجود جا مستيءَ ۾ نعرا هڻن ٿا پر سوال اهو آهي ته حق جو نعرو ڪهڙي ڏاکي تي هڻجي ان جي واڻ خادم فقير هن ريت ٻڌائي ٿو.
ڏٺو خادم فقير اندر بحر قُلزم ۽ قطري کي
جڏهن جُز ڪُل ۾ ٿئي قائم ، انا الحق پوءِ چوڻ گهرجي (مخزنِ عشق _ ص 52)

صوفي خادم فقير اويسي سلسلي هيٺ سلطان العارفين حضرت مخدم غلام محمد ملڪاڻي جو طالب ٿيو آهي ۽ مرشدن باطني طور تي سندس ذهني، فڪري ۽ روحاني اعتبار سان اهڙي طرح تربيت فرمائي جو وٽس ايندڙ شريعت جا صاحب، ظاهر ۾، ۽ طريقت جا صاحب، باطن ۾ پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جي آذار تي ڪيترائي منجهيل سُٽ سلجهائي ويا آهن، تنهن ڪان سواءِ پاڻ ڪيترن ئي سالڪن جا پڻ روحاني رهبر ثابت ٿيا آهن ۽ اها ڳالهه هن وقت تائين بلڪل مخفي رکي اٿس.
صوفي خادم فقيرمعرفت جي لحاظ کان معرفت حدثي جي مقام تي پهتل هستي آهن، ڪيس گهٽي پاڳي جيڪو به ونڊ مليو سو معرفت حدثي وسيلي مليو. جنهن جو اظهار سندس ڪلام ۾ ملي ٿو.

آهي خادم فقير وجود منجهان ، تنهنجي ذات سڃاتي خود منجهان
ڳجهو آهي تنهنجو اسرار سجڻ پر سِڪ وارن ته سڃاتو ٿئي(مخزنِ عشق _ ص 73)

پاڻ ذڪر جي حوالي سان اسم ذاتي ۽ اسم صفاتي جا ڪيترائي ڏاکا اُکري وجي ٻي پار پيا آهن ۽ ان واڻ تي صفات ۽ ذات کي ڪهڙي ريت سڃاڻي سگهجي ٿو ان جو ڳس هن ريت بيان ڪري ٿو:

صفاتي سردار ڪان پهرين پاڻ سڃاڻ
ٿيندئي روح رهاڻ، اندر ۾ عجيب جي (مخزنِ عشق _ ص 179)

صفاتي سڃاڻڻ سَولو، ذاتي ڪي رسن
سڪٽا جن سُخن ، سي آهن اورئين پر جا (مخزنِ عشق _ ص 179)

يعني اهو علم ئي ٻيو آهي جنهن سان پرين پسجي صوفي خادم فقير تہ صحبتين ۽ سلوڪ جي راھ جي پانڌيئڙن کي اڻ سڌيءَ طرح سان پنهنجي لِڪ ڪري رهبري ڪندو رهيو آهي. حاصلات لاءِ صبر جي تلقين ڪندو رهيو آهي جنهن جو اظهار هن ريت ڪيو اٿس.

متان ڪرين مڳڻا ، توڏ ۽ تڪڙ
هٺ نہ ايندئي هڙ ، حاصل جا حلاج جي (مخزنِ عشق _ ص 180)

جيڪي ابهرا ٿين ٿا تہ پوءِ اهي رضا کي محروم ٿي وڃن ٿا. جيئن هن بيت ۾ اظهار ڪري ٿو.

جي ظاهر ڪن ذات کي ، تہ ٿئي ٿو تڪرار
صفاتي سردار ، رُسي ٿو ان راز کان (مخزنِ عشق _ ص 178)

صوفي خادم فقير باطني اصطلاح جا مڃ ٻاري، مرده دلين کي جيارڻ ۾ جُنبيل رهي ٿو، ڇو تہ انسان چئن شين جهڙوڪ دنياداري، ميل جول، شيطان، ۽ نفس جي گهيري ۾ رهي ٿو، ۽ پاڻ انهن شين کي لغام ڏيڻ لاءِ عملي طرح سان سندرو ٻڌي ميدان ۾ لهي پيا جيئن سالڪ پنهنجي روحاني ۽ حقيقي مقصد ۾ سوڀ ماڻي سگهن ڇو تہ جڏهن رهنمائي نٿي ٿئي تہ رياءڪاري ۽ خودپسندي جنم وٺي ٿي جيڪا نہ رڳو ڪيل عبادت جو ٻيڙو ٻوڙي ٿي پر نيڪين کي بہ ضائل ڪري ٿي، جو ماڻهو خودپسنديءَ جي اثر هيٺ پاڻ کي نيڪ ۽ پارسا سمجهڻ لڳي ٿو،۽ هو هڪ دائري تائين محدود رهجي وڃي ٿو جنهن جو اظهار منصور جي ڪردار جي تمثيل ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو.

منصور ڪُنو ڇا ڪان انصاف ڪري ها ڪو
هئي ڳالهہ ڳجهي ڪهڙي هيءَ صاف ڪري ها ڪو (مخزنِ عشق _ ص 94)

حضرت حسن بصري فرمايو آهي تہ علم اهڙي ريت حاصل ڪيو جو عبادت کي نقصان نہ ڏئي ۽ عبادت اهڙي ريت ڪيو جو علم کي نقصان نہ پوي" ۽ حضرت امام غزالي ؒ فرمائن ٿا تہ "اِها پڪي ۽ پختي ڳالهہ آهي تہ علم توڙي عبادت ٻئي ضروري آهن. علم عبادت جو بنياد آهي ۽ علم ان جو رهنما آهي". اهڙي ريت صوفي خادم فقيرب علم ۽ عبادت واري واٽ ورتي آهي جنهن کي مختلف مرحلن ۾ ان جي پرچار ڪندو رهندو آهي، جنهن جو مرڪز حق جي سڃاڻپ آهي جنهن جو اظهار ڪافي ۾ هن ريت ڪيو اٿس.

صفاتي سُڃاڻي پوءِ ذاتي ۾ اڇ تون
نِسنگ نينهن ناتي، نرالو ٿي نچ تون
انهيءَ گهور گهايا ، پيا گهٽ گهاٽي (مخزنِ عشق _ ص 59)

حوالا


1. ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر. " سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس " روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو،ڇاپو ٻيون، سال 2006ع،ص 19.
2. عبد، عبدالجبار. " تصوف جي تاريخ" (ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي،ڇاپو پهريون،سال 2005ع،ص105.
3. مگريو،عمر بن محمد سومار." عواف المعارف " (ترجمو) مهراڻ اڪيڊمي،شڪارپور، ڇاپو ٻيو، سال 2013ع،ص19.
4. ڏاهري، مخدوم ابوالحسن " ينابيع الحات الابديہ طريق طلاب النقشبنديہ" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو،ڇاپو پهريون، سال2021ع، ص63.
5. عبد، عبدالجبار. " تصوف جي تاريخ" (ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي،ڇاپو پهريون،سال 2005ع،ص197.
6. سومرو،عبدالغفار،ڊاڪٽر" منهاج المعرفت " انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي،ڄامشورو،ڇاپو پهريون، سال2009ع،ص 51.
7. پنهيار،سڪندر ساگر،ڊاڪٽر: "مير عبدالرسول " مير" ڪافيءَ جو شاعر ۽ محقق" (مقالو) ٽماهي تخيل، مارئي اڪيڊمي، حيدرآباد، شمارو (17)، جنوري _ مارچ،سال 2022ع،ص 91.
8. پنهيار،سڪندر ساگر،ڊاڪٽر" سنڌي شاعراڻي صنف ڪافي جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو" پي ايڇ.ڊي مقالو، اڻ ڇپيل، ص 606.
9. مگڻيجو،غلام مصطفيٰ،صوفي"مخزن عشق " سمبارا پبليڪيشن،حيدرآباد،ڇاپو پهريون،سال2020ع